SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1977

# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1977

# سنڌ سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (ترميم) آرڊيننس، 1977

# THE SIND GOVERNMENT EDUCATIONAL AND TRAINING INSTITUTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1977

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of Sections 3 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

3. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

4. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

5. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريہ 1977

# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1977

# سنڌ سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (ترميم) آرڊيننس، 1977

# THE SIND GOVERNMENT EDUCATIONAL AND TRAINING INSTITUTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1977

[15 ڊسمبر، 1977]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا، آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هاڻي، هن کان پهريان، جولائي جي پنجين ڏينهن جي اعلان ڪانپوءِ، 1977 ۾ قانون (تسلسل ۾) آرڊر، 1977 کي پڙهيو ويو، گورنر سنڌ آرڊيننس ڪانپوءِ ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ تي راضي ٿيو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (ترميم) آرڊيننس، 1977 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ هڪ ئي وقت لاڳو ٿيندو ۽ مارچ 1973 جي انهين ڏينهن کان ۽ ان تي عمل لاڳو سمجهيو ويندو.

1960 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Sections 3 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

2. سنڌ سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارن آرڊيننس، 1960 ۾، بعد ۾ ڇاڻايل آرڊيننس، دفعہ 3 ۾، ذيلي دفعہ (1) ۾ هيٺ ڏنل کي تبديل ڪيو ويندو.

1960 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

3. هن آرڊيننس ۾، دفعہ 4 جي لاءِ، هيٺ ڇاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-

بورڊ مشتمل هوندو

"4. (1) بورڊ اهڙن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرن تي ٻڌل هوندو جيڪو حڪومت جي ذريعي مقرر ڪيل سورنهن کان وڌيڪ نہ هوندو.

(2) حڪومت مان هڪ ميمبر بورڊ جي چيئرمين جي لاءِ مقرر هوندو.

(3) هڪ سرڪاري ميمبر پنهنجي آفيس جو عهديدار مقرر ڪيو ويو آهي، اهڙي آفيس کي خالي ڪرڻ تي ميمبر بڻجڻ ڇڏي ڏئي.

(4) هڪ غير سرڪاري ميمبر ٽن سالن جي لاءِ عهدو سنباليندو، جيستائين هو حڪومت کي خط لکي استعيفيٰ ڏئي يا اڳ ۾ ختم نہ ڪيو وڃي.

(5)ميمبر وقتي ملازمت ۾ مقرر ٿيل ميمبر مدت جي غير مدي واري حصي لاءِ آفيس سنيالينڊو.

1960 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of Section 5 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

4. بيان ڪيل آرڊيننس ۾ دفعہ 5 جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو.

بورڊ جي نئين سر جوڙجڪ

”5. حڪومت ڪنهن بہ وقت بورڊ جي قيام کانپوءِ اهڙي طرح بورڊ جي نئين سر جوڙجڪ ڪري سگهي ٿي ۽ گا ڪنهن بہ ميمبر کي پنهنجي عهدي جي ختم ٿيڻ کان پهريان ئي ان کي هٽائي سگهي ٿي.

1960 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعہ 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

5. ڄاڻايل آرڊيننس ۾ دفعہ 6 جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو.

بورڊ جو سيڪريٽري

”6 (1) حڪومت ڪنهن ميمبر يا ڪنهن بي شخص کي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪري سگهي ٿي.

(2) سيڪريٽري اهڙن معاوضن يا ٻين فائدن جو حقدار هوندو جيڪا حڪومت طئي ڪري ٿي.

(3) سيڪريٽري اهڙا اختيار استعمال ڪندو جيڪي وقتن بوقتن بورڊ جي ذريعي ڏنا وڃن ٿا.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**